# گِرهوڙيءَ جون پيشين گوئيون

از

حضرت مخدوم عبدالرحيم گِرهوڙي



روضي ڏٽي ريسرچ اڪيڊمي

# ڳرهوڙيءَ جون پيشين گوئيون

از

حضرت مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحمة الله عليه

(1779ع/١١٩٢ھ- 1739ع/١١٥٢ھ)

مُرتب

حافظ محمد يوسف پنيرو سڪندري

ناشر

روضي ڏٺي ريسرچ اڪيڊمي — حيدرآباد

١٤٣٦ھ/ 2014ع

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | گرهوڙي ۽ جون پيشين گوئيون |
| از: | حضرت مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحمة الله عليه |
| پيشڪش: | حافظ محمد يوسف پنهور سڪندري |
| ٻهرين اشاعت: | محرم الحرام ١٤٣٦ھ/ نومبر 2014ع |
| ڪمپوزنگ: | اسدالله پنهور (0321-3010894) |
| تعداد: | 2000 (ٻه هزار) |
| قيمت: | 30 رپيا |
| ناشر: | روضي ڏٽي ريسرچ اڪيڊمي - حيدرآباد |
| پاران | ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |


Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

خاص تعاون

فقير غلام محمد مگريو

(اڳوڻو ناظم اعلىٰ، يونين ڪائونسل گرهوڙ شريف)

ناشر

**روضي ڏٽي ريسرچ اڪيڊمي**

حيدرآباد- سنڌ

# عرض حال

سنڌ جي مشهور عالم، بزرگ، مصنف، مناظر ۽ شاعر حضرت مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحمة الله عليه (شهيد ۱۱۹۲ھ/ ۱۷۷۹ع) جن جي جڳ مشهور پيشين گوئين کي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر تمام وڏي شهرت ۽ مڃتا مليل آهي. سنڌ جي اڪثر جهونن ۽ وڏي ڄمار جي بزرگن کي هڪ تسلسل سان 'گرهوڙيءَ جي پيشين گوئي' حَرف بہ حَرف زباني ياد پڻ رهي آهي، جنهن کي پوءِ مختلف ماڻهن سهيڙيو ۽ ڪتابن ۾ محفوظ ڪيو. گرهوڙي صاحب جي پيشين گوئيءَ مان ڪي سِٽون مفقود پڻ آهن، جن مان ڪي الف اشباع واري قافيہ تي ۽ ڪي بيتن جي صورت ۾ ماڻهن کي زباني تہ ياد آهن، پر ڇپيل رسالن ۾ نہ اچي سگهيون آهن. گرهوڙي صاحب جي پيشين گوئيءَ تي ڪجھ اهلِ قلم حضرات فني لحاظ کان اعتراض پڻ واريا آهن، ۽ ڪجھ عالمن جي بقول تہ اها مروج ۽ مشهور پيشين گوئي مورڳو گرهوڙي جي چيل ئي ناهي، ۽ ڪن ليڪڪن ۽ عالمن انهن پيشين گوئين کي تسليم ڪندي، گرهوڙي صاحب کي 'سنڌ جو ناسٽرا ڊيمس' پڻ سڏيو آهي. ان کان سواءِ سنڌ جي اتر، وچولي، ڪاڇي، لاڙ ۽ ٿر کان وٺندي راجستان رياست تائين اڄ بہ اهڙا ماڻهو موجود آهن، جن جون ڄمارون سئو سالن جي لڳ ڀڳ آهن ۽ انهن کان پڻ اهو ڄُوندي ٻڌو ويو آهي تہ 'اسان پنهنجي وڏڙن کان گرهوڙيءَ جون پيشين گوئيون برابر ٻُڌيون آهن'. بهرحال! مون تي مهربان ياءُ ۽ دوست فقير غلام محمد مگريو صاحب ولد مرحوم خليفو سائين عبدالله فقير مگريو جيسلميري اهو بار رکيو تہ، 'هن وقت گرهوڙي صاحب جي انهيءَ مروج پيشين گوئي وارا ڪتابڙا بلڪل ناياب ٿي چڪا آهن، جن کي هٿ ڪري ٻيهر ڇپرايو'. اتفاق سان مون وٽ فقط شڪارپور مان نوراحمد ميمڻ شڪارپوريءَ جي (تاريخ ۱۷ محرم ۱۳۹۶ ھ مطابق ۲۰ جنوري ۱۹۷۶ع تي) مولوي محمد عظيم اينڊ سنز شڪارپور پاران ڇپرايل پيشين گوئيءَ جي ڪاپي محفوظ هئي ۽ ان سان گڏ مختلف ڪتابن ۽ رسالن جي لکڻين ۾ آيل ڪجھ وڌيڪ سٽون پڻ مليون ۽ انهن سيني کي گڏائي هن ڪتابڙي جي ترتيب مڪمل ڪيم. ان سان گڏ گرهوڙي صاحب جي مختصر سوانح ۽ "پيشن گوئي" جي تمهيد طور اختصار سان ڪجھ مواد شامل ڪيو اٿم، اميد تہ پڙهندڙ حضرات هن ڪاوش کي پسند ڪندا ۽ پنهنجي راءِ کان آگاھ ڪندا.

خادم العلم

**حافظ محمد يوسف پنيرو سڪندري**

ڳوٺ ٽيپري پنيرا، چور ڪينٽ، عمرڪوٽ

## پيشين گوئيون:

’پيشين گوئي‘ اصل ۾ فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي: ’پيشين‘ معنيٰ اڳ يا اڳواٽ ۽ ’گوئي‘ گفتن مان ورتل آهي معنيٰ: چَوڻي يا ڳالهه. ۽ ان کي اڄڪلهه ’اڳ ڪٿي‘ (Prediction) پڻ چيو وڃي ٿو. تاريخ ۾ ’اڳ ڪٿين‘ ۽ ’پيشين گوئين‘ جا هزارين مثال موجود آهن. مستقبل بابت اهم واقعن ۽ حالتن، سياسي، سماجي، جاگرافيائي ۽ ماحولياتي تبديلين سميت هرطرح جي حادثن بابت ڪجهه مخصوص انساني هستين پنهنجي علم، عقل، شعور، فڪر، مطالعي، مشاهدي، تجزيي، دورانديشيءَ يا ڪنهن آفاقي ۽ روحاني سگهه، بصيرت ۽ فراست ذريعي اڳ ڪٿيون ڪيون، جيڪي اڳتي هلي سچيون ۽ صحيح ثابت ٿيون. اڄ جي جديد سائنسي دور ۾ به موسمن جي تبديلي، برساتن، طوفانن، ستارن جي گردش يا سج ۽ چنڊ گرهڻ وغيره جي حوالي سان پڻ علم ۽ سائنسي تحقيق ذريعي اڳ ڪٿيون ڪيون وڃن ٿيون، جيڪي صحيح ثابت ٿين ٿيون. ايندڙ واقعن، حالتن ۽ مستقبل جي ماهرن بابت اڳواٽ نشاندهي ڪري عام ماڻهن کي باخبر ۽ هوشيار رکڻ لاءِ ڪيل ’اڳ ڪٿين‘ کي مختلف قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(الف) مذهبي ۽ الهامي ڪتابن ۾ نبين سڳورن ۽ مقدس هستين طرفان، الاهي احڪامن پٽاندڙ عوام کي اڳواٽ اطلاع ڏيڻ. جيئن حضرت نوح نبيءَ جو قوم کي طوفان بابت اڳواٽ اطلاع يا قرآن موجب رُوم، مَڪ ۽ خيبر جي فتح يا حضرت عيسيٰ جو پنج صديون اڳ پنهنجي اُمت کي آخري نبيءَ (حضرت محمد ﷺ) جن جي آمد جي بشارت ڏيڻ وغيره.

(ب) اسلام جي داعي، پيغمبر آخرالزمان، حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جون هزارين سچيون ۽ برحق پيشين گوئيون (prophecies) احاديث جي ڪتابن ۾ موجود آهن. خاص طور قيامت کان اڳ رُونما ٿيندڙ سيني واقعن ۽ نشانين بابت هرشيءِ وضاحت سان ٻڌائڻ جو تفصيل موجود آهي.

(ج) اُمت محمديءَ ﷺ مان اڻ ڳڻين اصحابن سڳورن، اهلبيتن، تابعين، تبع تابعين، اولياءَ الله ۽ وڏن صاحبِ ڪمال امامن ۽ بزرگن پاران ڪيل پيشين گوئين جا آثار پڻ تاريخ، سيرت ۽ رجال جي ڪتابن ۽ تذڪرن ۾ موجود آهن.

(د) اسلام ۽ تصوّف جي هڪ مشهور بزرگ شاهه نعمت الله وَلي (۸۳۴هه/ ۷۳۵هه-۱۴۳۱ع- ۱۳۳۰ع) پاران اڄ کان ساڍا ست صديون اڳ دُنيا ۽ خاص طور سنڌ ۽ هِند جي حوالي سان ڪيل پيشين گوئيون انتهائي حيرت انگيز

آهن، جيڪي فارسيءَ ۾ ساڍاٽي سئو ڪن شعرن جي صورت ۾ موجود آهن.

(ھ) اسلامي دُنيا کان ٻاهر بہ ناسٽرا ڊيمس Nostradamus (١٥٦٦ع-١٥٠٣ع) کان ويندي، جيني ڊڪسن (Jeane Dixon) (١٩٩٧- ١٩٠٤ع) تائين جون پيشين گوئيون دُنيا ۾ مشهور آهن.

(و) سنڌ ۾ سَما دؤر جي مشهور 'هفت تن' سَتن ماموئي ﭘائرن جون پيشين گوئيون بہ نهايت اهميت جون حامل آهن.

(ز) حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي (متوفي ١١٦٥ھ/ ١٧٥٢ع) جي رسالي ۾ بہ مستقبل جي اڳ ڪٿين ۽ ايندڙ واقعن بابت اشارن جا آثار موجود آهن ۽ ان کان پوءِ گرهوڙي صاحب جي پيشين گوئين جوئي تذڪرو ملي ٿو.

**گرهوڙي صاحب:**

حضرت مخدوم صاحب عبدالرحيم گرهوڙي سنڌ جو ناميارو عالم، عارف، مصنف ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي، پاڻ ١١٥٢ھ/١٧٣٩ع ۾ ڪپري ويجهو ميان سعدالله مگريي جي گهر تولد ٿيو. چوٽياريون شريف جي بزرگ ميان محمد مبين ڪيرئي ﷫ کان تعليم پرايائين ۽ نقشبندي سلسلي ۾ سلطان الاولياء حضرت مخدوم محمد زمان لواري شريف (متوفي ١١٨٨ھ) جو مُريد ٿيو. گرهوڙي صاحب جي لکيل ڪتابن ۾ 'فتح الفضل' (پنهنجي مرشد خواجہ محمد زمان جي ملفوظات)، شرح ابيات سنڌي (خواجہ محمد زمان جي سنڌي بيتن جو عربيءَ ۾ شرح)، رسالہ گُل نما، مڪتوبات ۽ سندس شاعري (گرهوڙي صاحب جو ڪلام) شامل آهن.

مخدوم صاحب عبدالرحيم وقت جي غلط ريتن رسمن خاص طور ڀوپن، جوڳين، جادوگرن، جناتين ۽ سادن مسلمانن جي عقيدن ۾ خلل وجهندڙ ٺڳن ۽ نوڳين جي خلاف هيو ۽ اڪثر اهڙن مشرڪن خلاف جهاد ۾ رهيو. مخدوم صاحب جي شهادت پڻ ١١٩٢ھ/ ١٧٧٨ع ۾ هڪ جادوگر سامي مهاديو سان ٿر ۾ جهاد ڪندي ٿي ۽ سندس مزار ۽ روضو 'گرهوڙ شريف' ۾ واقع آهي.

**گرهوڙيءَ جون پيشين گوئيون:**

گرهوڙي صاحب جي چيل پيشين گوئين بابت علامہ ڊاڪٽر دائودپوٽي، مولانا غلام محمد گرامي ۽ مخدوم امير احمد عباسي وغيره جو چوڻ آهي تہ اهي پيشين گوئيون گرهوڙيءَ جون ناهن، بلڪ مولوي احمد علي 'مجذوب' (وفات 1967ع) قوم دَل (ڳوٺ سردار لطف علي دل، نزد شادي پلي موڙ) جون چيل آهن:

پر غور ڪجي تہ ماضيءَ ۾ گرهوڙي صاحب ڏانهن منسوب هن ’پيشين گوئي‘ جي مخالفت جا ٻہ ڪارڻ رهيا آهن:

(i) لواري شريف جي مخدوم احمد زمان جو ذڪر.

(ii) سنڌ تي انگريز راڄ جي مخالف، پير روضي ڌڻي، ڪنگري، سُورهيہ بادشاھ ۽ حُرن جي قربانين جا اهڃاڻ وغيره.

اصل ۾ هن ’پيشين گوئي‘ تي خود انگريزن کي اعتراض هو ۽ انگريزن پاران بندش پڻ پيل هئي تہ ڪٿي سورهيہ بادشاھ قديم سنڌ جي آزادي ۽ ان جي وسيع سرحدن تي حاڪم بڻجڻ جي ڪوشش تہ نٿو ڪري؟ جيئن اهڙو اشارو خود برطانوي عملدار ايچ ٽي لئمبرڪ پڻ پنهنجي هٿ ٺوڪئي ’دي ٽيررسٽ‘ ڪتاب جي ٽئين چيپٽر ۾ ڏنو آهي.

“... Now that you have sworn personal fidelity to me, I may reveal that it is my destiny to become the Ruler of Sindh, sitting on the throne from which the English Government must be driven. This was prophesied more than a hundred years ago, by Pir Abdur Rahim Garhori; listen to his words.

And with that, our Lord began reading verses from a book. It told of all sorts of strong things, which Pir Saheb would pause and interpret for us, showing how some had already come to pass: for instance the invention of aircraft, and various wars and revolutions in different countries. The poet spoke of the Pirs of our Lord's lineage and how the eighth in the succession, who would have pock-marks on his face, would rule over Sindh, with his capital at Kingri....”

---

نوٽ: ڪجھ سال پهريان انٽرنيٽ (يو ٽيوب) تي هڪ وڊيو ڪلپ جاري ٿي هئي، جنهن ۾ حُرن جي روحاني پيشوا پيرسائين پاڳاري سيد شاھ مردان شاھ ثاني (متوفي ۱۴۳۳ھ/ ۲۰۱۲ع) کي سندس رهائش گاھ ’ڪنگري هائوس‘ تي دنيا جو مجيل اسڪالر ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب بزرگ گرهوڙي صاحب جون پيشين گوئيون پڙهي ٻڌائي رهيو آهي ۽ غالباً سيد سردار ذوالفقار علي شاھ جاموٽ صاحب پڻ ان موقعي تي موجود آهي. خود پيرسائين پاڳاري جي شخصيت پڻ ’پيشين گوئين‘ جي حوالي سان مڃيل هئي ۽ پاڻ اڪثر اهو چوندو هيو تہ ”آئون سيني معاملن جو فقط ’ڪامن سينس‘ (Common Sence) جي بنياد تي تجزيو ڪندو آهيان، تہ حالتون ڪيڏانهن پيون وڃن، جنهن کي اوهان ’پيشين گوئي‘ ٿا سڏيو.“

## گرهوڙي ۾ خانقاهه روضي ڌڻي:

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ۽ خانقاهه حضرت روضي ڌڻيءَ جي حوالي سان چند حوالن جو ذڪر ڪرڻ به ضروري آهي.

- ميان سائين سيد محمد بقا شاهه، گرهوڙي صاحب جي مُرشد خواجه محمد زمان لواري سان ملي آيا هئا ۽ فرمايائون ”محمد زمان غوث الوقت آهي“.
- گرهوڙي صاحب جي ولادت ١١٥٢هه وقت، حضرت ميان سائين سيد محمد بقا شاهه پٽ ڌڻيءَ (١١٩٨هه-١١٣٥هه) جي عُمر سترهن سال هئي.
- گرهوڙي صاحب اوڻيهه سالن جو هيو ته پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻيءَ جي ولادت (١١٧١هه) ٿي.
- گرهوڙي جي شهادت وقت حضرت روضي ڌڻي جي عمر ايڪيهه سال ۽ ميان سائين سيد محمد بقا جي عُمر ستونجاهه سال هئي.
- پير روضي ڌڻي پنهنجي ملفوظات ۽ مڪتوبات ۾ مخدوم صاحب جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي ۽ سندن بيت پڙهيا اٿن. مڪتوبات روضي ڌڻيءَ ۾ هڪ پورو خط (مڪتوب ٣٢) گرهوڙيءَ صاحب جي سِٽ 'هردَم حَج پَسن، ڪعبو نه پسن ڪاپڙي' جي شرح ۾ آهي، جيڪو پاڻ مخدوم پير محمد ڏيپارجائي ڏانهن لکيائون.
- پير سيد صبغت الله شاهه اول (پهرئين پير پاڳاري، متوفي ١٢٤٦هه) جي ملفوظات 'خزانة المعرفة' ۽ مڪتوبات 'خزانة الاسرار' ۾ پڻ گرهوڙي صاحب جي ڪلام جا حوالا ملن ٿا.
- حُر جماعت جي تاريخي روايتن موجب ڪپري تعلقي ۾ 'موجن تڙ' وٽ گرهوڙي صاحب جو هڪ ڪنڊيءَ وٽان گذر ٿيو ۽ پاڻ ڪنڊيءَ کي چيائين ته هتان روهڙيءَ جي پير جو گذر ٿيئي ته سلام ڏجان. گرهوڙي جي شهادت کان هڪ صديءَ پوءِ پير سيد حزب الله شاهه تخت ڌڻي (متوفي ١٣٠٨هه) جو ڪپري سفر دوران اتان گذر ٿيو ته اها ڪنڊي ٿورو هيٺ جهڪڻ لڳي. جماعت پريشان ٿي ۽ پير صاحب کي عرض ڪيائون ته قبلا: ڪنڊي مٿان ڪري ٿي شايد؟ پاڻ جواب ڏنائين ته ڪنڊي ڪري ڪانه ٿي، پر اسان کي گرهوڙي بزرگ جا سلام ڏئي پئي.
- خانقاهه جي ستين پڳدار، پير سائين شاهه مردان شاهه ڇٽ ڌڻي پنهنجي روحاني سَفرن دوران گرهوڙي صاحب جي مزار تي حاضري پئي ڏني آهي ۽ موجوده اٺين پاڳاري سيد صبغت الله شاهه ثالث پڻ تازو گرهوڙي جي مزار تي اچي دُعا گهري آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

چَوان حَمد حَڪيم ڪي سَهسين سَئو ڀيرا
پڙهان صَلَوات سَرور مَٿي هَردَمُ هَميشا
آل ۽ اَصحابن تي مَنجهئون مُحبتا
آهي ڪَشف ڪِتابن ۾ اهڙي پَچارا
جڏهن چَوڏهن سَن ٿيندو ظاهر ظهورا
ويندو حَيا شرم ڇڏي ٿيندي زور زنا
ماڻهو ڦِري مِرُن جي ماڳ ٿيندا، سُٽَڄ حقيقت حالا
ڪي هُوندا بُڇڙا، بِدعتي، ڀَنگي بي دِينا
ڪي جاهِل بٽيا جَڳَ ۾ ڪي هُوندا حيوانا
ڪي ڪوٺائيندا پاڻ ڪي وَاجب وَڏيرا
ڪي پير، ڪي سَيّد پاڻ ۾ هوندا دائم دُشمنا
ياءُ پنهنجي ياءُ کان ٿيندو ٻچي بيزارا
ويجهو نہ سَهي هڪ ٻي ڪي توڙي هجي عَزيزا
عبادت نہ ڪندا الله جي مطلقًا مُورا
اولاد احمد ڄام جي هُوندا بلڪل بي دينا
ڪي رَفض ۾ رُلي ويندا، ڪي شيعا شوخ ٿيندا
راهہ رهبر رسول جي ۾ پاپي پَير نہ پائيندا
ڪي حَج تي هَلندا، وَٺي رَنُن جا رايا
ڪي مڙي مسجدُن ۾ لکندا تڙيل تعويذا
هاٿي وَيسُ وَڳا درويشن جا ٻڌو اهڙا
هڪ هَٿ جيتري ڇَڏي هوندين مٿي مَقعدا
هڪ هَٿ ڪپڙي جو رکندا پنهنجي مٿي تان
اڌ اگهاڙا آدمي نِرتئون نادانا
جُتي نہ پائين پير ۾ لوئي نہ لڳن مٿان
ماڻهن جي مَرڻ کي غنيمت ڄاڻيندا
عورت جي آواز کي گهڻو پسند ڪندا
فرمودي ڪريم جي ويجهو مُور نہ ويندا
مُحبت کان مولا جي هُوندا ڪاهِلا

جي روئن سَچيون راتيون تن لاءِ آهي بَشارتا
اِنَّ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ اهڙا اُهجاڻا
جيسين نہ ڪُهن نفس کي تيسين مِلڻ مُشڪل آهہ
ڪُتي ڪميني نفس جو نہ مَج فرمودا
جو آهي سرڪش سيين پرين مُئل مَردُودا
ڪيريندو سندس ڪفر ۾ نَجس نادانا
پڻ پَروردگار جو رؤيت رحمانا
محبت ريءَ مُيسّر نہ ٿئي هِينئين سين سُٽيجا
عشق جي آڙاهہ ۾ سُورهيہ سِر ڏِيندا
منصور جهڙا ميدانن ۾ ڪاهي سي پَوندا
اَلْعِشْقُ نَارٌ يحرَق مَا سِوَي الله مَن ۾ مَج مَچاءِ
هاڻي ڪريان ڳالهڙي سا پُڻ سُٽيجاهہ
اچي ڦِرڪو ڦِرندو آگي جي اَمرا
ڪلهوڙو ڪوچ ٿيندو نسورو نادانا
پوندا پوءِ وارا گهٽو رفض ۾ مارائيندا مَقعدا
پوءِ ايندي قوم هڪڙي مغرب جي پاران
آتشباز انسان سي پُوت هوندا پولا
ڪندا حِرفتون ڪيتريون ۽ هزارين هُنرا
ڪندا جنگ عظيم گهٽي منجهہ دَهلي جي شهرا
حضرت سليمان جي تخت جو ڪندا بي حد بي تَعظيما
رڪندو پناهہ ۾ تَنهن کي قادر ڪَريما
سندن حرفتن جو هاڻي تو ڪريان بيانا
اِنگلش انجڻيون ڪيتريون هلنديون زمين مَٿان
گڏهيون ٻوڙنديون شهرن ۾ ڏاڍي ڏوم ڌڪاءِ
وِينديون واڪا ڪنديون جلدي جوش منجهان
ٻُچڙا آواز تن جا هُوندا گڏهن جي مِثلا
پنيون ڏيئي پيرن ۾ واڪا ڪنديون وَرندياءِ
چَرخ اُڏامندا آسمانن ۾ مَڪڙن جي مثلا
سِڪو ڦيرائيندا مُلڪ ۾ ڪاغذ زر ڪندا
ڪاغذ ڦيري ڪارا ڪندا موتي مَرجانا

پَوندا اڻ ملھ ان مٿي بيحد بي شمارا
پاھڻ ٻارائيندا سي مُوذي مَردودا
پاھڻ جو پاڻ ڏٺي رکيو گھٽو شَرفا
سي ساڙائيندا سُوئر مُھان اندر آتشا
ڇڏائيندا دين محمّدي مُرتد منھن ڪارا
ڪندا دِين عيسىٰ جو ڪافر قبولا
پائي پَتلونُون پيرن ۾ ٻريس ڍڪيندا
اي.بي.سي ھُوندي سَيني جي واتا
انگلش ۾ انگريزن جي ٿيندي ٻولي لِسانا
حاڪم ٿيندا مُلڪ جا وڏي نامُوسا
پائي قميصون قيمتي سھسين سَوَن رُپا
ظالم ڪندا بدعتي پيچڙي اپارا
ھُوندا خراب خَمر ۾ وڃائيندا عُمرِ عزيزا
نہ نيّت نماز جي ھوندين نہ حدّ حلالا
زڪوٰة نہ ڏيندا مالَ جي پاپي پليدا
سبب ان جي ھُوندن روزيءَ حَراما
روڳ گڏائيندا روڳ سين مِرن سندو ماسا
نہ ڪائج مردودن جون مانيون مَليندا
مِرُن جي چَربي سان مانيون مَکيندا
جي ڳوھبا رَت سين مَھنيل مِسڪينا
'النّاسُ علىٰ دينِ مُلُوڪِھِمۡ'، فرمايو رَسولِ خدا
ماٺھن مٿي وھيندس رُعب رُغبتاھ
اچي پوندس ڪوٽ خزانن ۾ ڪِرندو ڏيوالا
تيرھن سؤ چوونجاھ ھجري ۾ ٿيندو زلزلا
ويندو تڙجي مُلڪ مان ڇڏي ھِندَ سِنڌا
لرزش پوندس لنڊن ۾ ڦِٽي ويندس انگلستانا
ٿيندو ظھور امام مھدي جو آسمانن پارا
تيرھن سي چاونجاھ ھجري ۾ ان شاء الله تعالىٰ
مناديون ڦِرنديون مُلڪن ۾ آسمانن جي پارا

آهي كشف كتابن ۾ اهڙي پچارا
تہ لوڏو ايندو لَوارين كي ويندس زينتا
ڇهين پيڙهي ڇيهہ ٿيندو ويندس امانتا
ڪِري پوندو ڪُفر ۾ جيتوڻيڪ منهنجو مُرشدا
چَوائيندو پاڻ كي آهيان رَسُول خدا
اهڙا آثار ظاهر ٿيندا بلكل ظهورا
چَوائيندو پاڻ تي كلمون شريفا
لا اله . الاّ الله مُحَمّد رَسُوُلُ الله
هاڻي سجّاده نشين جو كريان بيانا
پَرور پيدا كندو صاحب سنڌ منجهان
روضي ڏڻي رهبر ٿيندو سچو شير شجاع
كوڙين كرامتون تنهن جون جوڙيون جبارا
عاشق ٿيندو الله جو جانب جلوي جمالا
نور تنهن جي نراڙ ۾ كندو شمس جان شُعاع
ٻيا وَلي سِنڌ ۾ سيئي ستارا
سهائي شمس جي كري وَڃڻ كي ويا
بجلي ٻَرندي بتيءَ جو كهڙو قدر آ
سيّد ڏاران دين ۾ اونداهي عَينا
بادشاهہ دلين جو مَتاهون مِڙني آهہ
شريعت مُحَمّدي حقيقت راهہ هُدىٰ
سيئي سڳورا سيئين پريُن اولاد اميرا
هكڙو پير پيدا ٿيندو عارف غوث اولياء
ٻيو پير پيدا ٿيندو مالك موج درياء
ٽيون پير پيدا ٿيندو اكمل سر اولياء
سچي راهہ رب جي وٺندو دائم مُداما
شَبيهہ شِكل محمدي صورت سردارا
هوندي نشاني تِر جي ڏائي اک جي پارا
اجاريندو دين احمدي صاحب سِچ وَرنا
صاحب سڳورو سيين پرين ورنہ وير ويا
داناءُ حكيم حكمت همت ڏڻي دائم درويشا

پڳ جُڙندس پيغمبري ميرمحمد شاهه
فتح ڪوٽ خيبر ٿيو حَبيب جي هَٿان
هاڻي بيان پير جو صحيح سُٽيجاهه
نِنڍڙو نشان ٿيندو بُلوغت بادشاهه
تيرهن سؤ چاونجاهه هِجري ۾ ٿيندو زلزلا
نَصارو ويندو نگونسار ٿي هند سنڌ مٿان
ويندو نصارو مردود سو قادِر جي قَهرا
ڪمان سپ ڪنهن ڪَڇ ۾ گولي گجراتا
ويندي سوپ يُورپ جي ٿيندا قارُوني ڪوڙا
ڪراچيءَ ۾ ڪانُ لڳندن، ويندن حيدرآباد هٿان
مُلتان ۾ مارو ٿيندو، دهليءَ ۾ در پوربا
لنڊن ۾ لنگور ڪي گولا گهاءُ ڪندا
پٽ پوٽا پليت جا ڪِري ڪوٽ پوندا
ڪلڪتہ ۾ ڪِيس ٿيندو بمبئي بازارا
نڪي رُومي رُوم ۾، نڪو ايران آبادا
نڪو بَصره ۾ بادشاهه، نڪو قابل قَنڌارا
نڪو دهلي دو رخي نہ لنگور لنڊن ڏانهن
تنهن وچ ۾ واقعو ڪربلا جهڙو سُٽيجاهه
سنڌ منجهه هڪرو سيّد هوندو عليءَ جي اولادا
ابي ڏاڏي شهيد سو ورنہ وزيرا
سخي سيّد سين پرئين ماڻڪ موج درياء
سنبري ويهو تيار ٿي هميشہ ساڻ هٿيارا
ايندي قوم هڪڙي مَغرب جي پاران
ڪِنگريءَ ۾ ڪوس ٿيندو، وڏي جنگ جدالا
ڪيئي مَرندا مومن سي، ظُلم جي زورا
هوندي سختي شام ۾ ستئي ڏينهن سمورا
تهان پوءِ اُپرندو تارو هيڪر صُبح سج پارا
اپرندو وقت پهر ڏينهن گِردي غبارا
چار سُو شاخون تنهن ۾ ٿيندي رَنگي رونقا
تنهن مان ڪَڪر ٿيندو هيڪڙو اُتر جي طرفان

دهشت ڏادي تنهن ۾ هُوندي ڪاري رونقا
ٻيو پڻ ڪکر پيدا ٿيندو مديني مٿان
ايرندو طرف مشرق جي بيحد بي حَدا
ساڙيندو خلق خدا جي اُڏائيندو اُلا
ٽيون ڪکر پيدا ٿيندو مَديني مٿان
وسائي پاڻي پوکن تي اُپاريندو سَلا
چوٿون ڪَکر پيدا ٿيندو مديني مَٿان
ستر هزار رونقون تنهن ۾ هُونديون هميشاهہ
ستر هزار جهنڊن جا نيزا نيشانا
سَتر هزار ملائڪن جا ظاهر ظهورا
هڪڙو تخت هوندو تنهن ۾ سونهري صُورتا
چڙهيل هوندو چانگو مٿس مَهدي مهندارا
صُوبا صحيح سيّد جا سَتر سُلطانا
ٻيا ٻين ولايتن ۾ چار هندستانا
پهريون صُوبو سنڌ ۾ ڪِنگريءَ منجهارا
ٻيو صُوبو دهليءَ ۾ عليءَ جي اولادا
ٽيون صوبو هندوستان ۾ لاشڪ اهو آهہ
چوٿون صوبو ڪَڇ ۾ جيلاني جوانا
بادشاهي امام مهدي جي ست ورهيہ سمورا
غيب جي خبر خاوند کي جو مَولو مختيارا
وينداسين ايمان سين ڪلمون پاڪ پڙهندا
لا اِلٰه اِلّا اللّٰهُ مُحَمَّد رَسُوْلُ اللّٰه
(صَلّي اللّٰه عليهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ اَجمَعِيْنَ)

---

① پاهت جن جون پيڙهيون، سي ماني محتاجا
② گڏهہ ماٺهون گنديين، ووءِ ووءِ وڏيرا
③ ادب نہ هوندو عورتين، مَردن ناهہ مٽيا
④ هُوءِ جيئن گڏهيون ڪاڻ ۾، هُوءِ جيئن سُوئر ڪُتا
⑤ ڏيئرون ٿينديون آڳيون، مائرون گولن گاءِ
⑥ عالِم ٿيندا ٿورڙا، پڙهيا اَپارا

⑦ عالِم چوندا تن کي، جَنين ويسَ وڏا
⑧ مُڙس ٿيندا ٿورڙا، جويُون اَپارا
⑨ چوڏس زور ظلم جو ۾ ڏاڍا ڏُکارا
⑩ پرت رکندا پرڏيھ سين، کاڌا حِرص هَوا
⑪ قُوت نہ رهندي کَٽڻ ۾، آب اُڃ نہ لاھ
⑫ ماٺھو مَرندا مال کي، جيئن کينئان يُونڊِن لاءِ
⑬ چَوڻ چگّائي ناھ کو، مَنع نہ مَدي کان.

---

① جڏهن ڪڏهن سِنڌڙي، توکي قنڌارئُون جوکا
② قابل ڪڏندا کَنڊِن تي، نالائق نوازيا
③ پڙاڏو مَڙهي مَندِر جو گونجبو مسلم گهرن مَنجها
④ سَچا چڙهندا سُوري تي، گڏھ گج پائيندا
⑤ دجّالن جو دهمان ٿيندو، هر هنڌ هميشا
⑥ ذِڪر نماز ڪينڪي، رُڳا اَفعالَ اِبليسا
⑦ حاڪم حِرفت ساڻ، وِڪيندا وَسيلا
⑧ ڪُوڙا ڪانئر پاڻ ۾، ٿيندا ٻول ٻڏا
⑨ مُلڪ مسلماني پاڻ ۾، ٿيندا وِڙهي ويرانا.

## بيت

پَنڌ ڪُٽندا، سَنگ ٽُٽندا، مُنڊَ نہ وَسندا مِينهن
ادب ويندو، حَيا ويندو، لَڄَ نہ رهندي لِيھ
راڄا راڪاسُ ٿيندا، گولا پيئندا گِيھ
مُڙسن آهين تہ شِينهن، پَر سَلام ڪندين سَهي ڪي.

## بيت

سنڌُ ڦُرجي ڦِڪي ٿيندي يَتويَت
ايندي انهن هَٿ، جنين تَرس نہ پوندو تِرَ جو.

# *The Predictions of Girhori*

Makhdoom Abdul Raheem Girhori
(1739 – 1779)

*Compiled by*

**Hafiz M.Yousif Bhanbhro Sikandari**

**ROZAY DHANI RESEARCH ACADEMY**
HYDERABAD, SINDH
2014

# Introduction

This booklet is based on the Predictions of Makhdoom Abdul Raheem Girhori; a popular Sufi Saint, scholar and poet of Sindh.

He ~~was~~ belonged to the Mangrio tribe and his father was Miyaan Saadullah Mangrio. Girhori was born in 1739CE (1152AH) and he got his education from Miyaan Muhammad Mubin Kerio at Chotiyariyoon Shareef, near Sanghar. Girhori was the disciple of sultan-ul-Aoyliya Makhdoom Muhammad Zaman of Lawari shareef in Naqshbandi order.

Girhori married five times and had four daughters and one son; who died when it was only five years old.

Girhori wrote the malfuzat of his master 'Fath al-Fadl` and also he explained Sindhi poetry of his mater with the title of 'Sharah Abyaat Sindhi'. Girhori Saheb's poetry is also published under the title of `Kalaam –i-Girhori'. He also made many predictions. Almost all his predicitions are in poetic form in a poem well-known as 'Girhori Joon Peshingoyoon'. Girhori was against all the bad customs and traditions.

He fought against a Hindu magician 'Mahadev' in Thar desert in 1192AH/1779 and he was seriously injured and died over there. His tomb is located in the town of Girhor Shareef.

**Hafiz M. Yousif Sikandari**
Village Tebhri Bhanbhra,
Chhor, Umer kot.

# THE PREDICTIONS OF GIRHORI

By:

*Makhdoom Abdul Raheem Girhori*



ROZAY DHANI RESEARCH ACADEMY

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَڻَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَڻَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَڻَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَڻَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَڻَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڇاٽائي کي ڀاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها ٿوڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)